# حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلام ۽ نمرود



22-July-2021

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

**22 جولاءِ 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان**

# حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ نمرود

**هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ..........**

- ❖... حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو نمرود سان مُنَاظَرو
- ❖... نمرود جو عبرتناڪ انجام
- ❖... ”تَوحِيد“ جا ڪجھ دليل
- ❖... حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جون ڪجھ اعليٰ وصفون

پيشڪش
**مجلس اَلْمَدِيۡنَةُ الْعِلْمِيه**(اسلامک ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بیاناتِ دعوتِ اسلامی)
**ترجمو**
**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ**(دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد مسلمان جي پناهہ گاهہ آهي. مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ جي عادت بڻايو، اِنۡ شَآءَ الله! شيطان ڪان بہ حفاظت ٿيندي، گُناهن ڪان بہ محفوظ رهندا. هڪ ٻيو ڪم ڪريو! جڏهن بہ مسجد ۾ اچو، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت بہ ڪري ونو! ان جا ٻہ 2 فائدا ٿيندا: پهريون اهو تہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ٻيو اهو جو مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا تہ ضمناً اهي شيون بہ جائِز ٿي وينديون.**

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**نبيءِ اڪرم، نورِ مجسم** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمان عاليشان آهي: جنهن اهو چيو: جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهۡلُهٗ تہ 70 ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تائين ان جي لاءِ نيڪيون لکندا رهندا.** (معجم اوسط، جلد:1، صفحہ:82، حديث:235)

مومنو! پڑھتے نہیں کیوں اپنے آقا پر درود ہے فرشتوں کا وظیفہ اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام

(قبالہ بخشش، صفحہ:164)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفۡضَلُ الۡعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت سڀني کان افضل آهي.
(بخاری، کِتَاب:بَدءُ الْوَحی، باب:کیف کان بدء الوحی...الخ، صفحہ:65، حدیث:1)

اي عاشقانِ رسول! چڱي نيت جَنّت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي. هر نيڪ ۽ جائِز ڪم کان پهريان سٺيون نيتون ڪرڻ گهرجن! هن سان عَمَل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ جون ڪجھ سٺيون نيتون ڪيون ٿا، مان نيتون ڪرايون ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو تہ اِنۡ شَآءَ الله چئي ان جو اظهار ڪريو: ❖ عِلۡم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ عِلمِ دين جو ادب ڪندي اَدَب سان ويهندس ❖ بيان جا اَهم نڪتا (Points) لکي وٺندس ❖ بيان جون جيتريون ڳالهيون ياد رهجي ويون، گهر وڃي گهروارن کي، ٻارن کي، دوست احباب کي ٻڌائي عِلم دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام الله پاڪ جا برگزيده نبي آهن، الله پاڪ کين پنهنجو خليل بڻايو، ان ڪري حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي "خَلِيۡلُ الله" چيو وڃي ٿو، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کان پوءِ جيترا بہ نبي سڳورا عَلَيۡهِمُ السَّلَام آيا، سڀئي سندن جي اَولاد مان هئا، ان ڪري حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي "اَبُوالۡاَنۡبِيا (يعني انبياء جا والِد) بہ چيو وڃي ٿو، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام پهريان انسان آهن جن باقاعده اهتمام سان مهمانن جي مهمان نوازي ڪئي (مراۃالمناجیح، باب:الترجل، الفصل:الثالث، جلد:6، صفحہ:193) هن اعتبار سان سندن لقب اَبُو الضَّيۡفَان يعني مهمان نوازي ڪرڻ وارو آهي: (حلیۃ الاولیاء، عکرمہ مولی ابن عباس، جلد:3، صفحہ:385، حدیث:4361) حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو مُبَارَڪ حُليو ۽ ظاهري شڪل ۾ مشابهت تاجدارِ انبيا، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گهڻي ملندي هئي، ايستائين جو

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي ڏسڻو هجيوَ تہ پنهنجي صاحِب (يعني محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ) کي ڏسي وٺو. (بخاری، کتاب:احادیث الانبیاء، باب:واتخذاللہ ابرہیم خلیلا، صفحہ:856، حدیث:335)

وہ جَدِّ مصطفےٰ ہیں، رَبّ کے خلیل ہیں ہے نام ابراہیم، وَجِیہ و جلیل ہیں

## حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو نمرود سان مُنَاظرو

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام عراق جي شهر بابِل ۾ پيدا ٿيا، ان وقت سڄي دُنيا تي نمرود جي بادشاهت هئي ۽ ان جو دارالحڪومت بہ بابِل ئي هو. نمرود تمام سرڪش، انتهائي اَحمق ۽ ظالِم بادشاهہ هو، اهڙو بدبخت هو جو مخلوق هئڻ جي باوجود خُدائي جي دعويٰ ڪندو هو ۽ ماڻهن کي مجبور ڪري انهن کان پنهنجي عبادت ڪرائيندو هو. (سیرت الانبیاء، صفحہ:257بتغیر قلیل)

ان وقت جڏهن هر پاسي ڪفر ۽ شِرڪ ڦهليل هو، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام حق جو ڪلمو بلند ڪيو، دِينِ حق جي تبليغ شروع فرمائي ۽ ماڻهن کي الله وَحدَہٗ لَاشَرِيڪ جي عبادت ڏانهن سڏيو. اهڙي سلسلي ۾ هڪ ڀيرو حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ نمرود جي وچ ۾ ”تَوحِيد“ جي موضُوع تي مُنَاظِرو ٿيو، الله پاڪ ان مُنَاظري کي سيپاري 3، سوره بقره، آيت:258 ۾ ذِڪر فرمايو آهي. ارشاد ٿئي ٿو:

اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِىۡ حَآجَّ اِبۡرٰهٖمَ فِىۡ رَبِّهٖۤ اَنۡ اٰتٰىهُ اللّٰهُ الۡمُلۡكَ ۘ اِذۡ قَالَ اِبۡرٰهٖمُ رَبِّىَ الَّذِىۡ يُحۡىٖ وَيُمِيۡتُ ۙ قَالَ اَنَا اُحۡىٖ وَاُمِيۡتُ ؕ قَالَ اِبۡرٰهٖمُ فَاِنَّ اللّٰهَ يَاۡتِىۡ بِالشَّمۡسِ مِنَ الۡمَشۡرِقِ فَاۡتِ بِهَا مِنَ الۡمَغۡرِبِ فَبُهِتَ

ترجمو ڪنزالايمان: اي محبوب! ڇا تو نہ ڏٺو هو ان کي جنهن ابراهيم سان جهڳڙو ڪيو سندس رب جي باري ۾ هن تي تہ الله ان کي بادشاهي ڏني جڏهن تہ ابراهيم چيو تہ منهنجو رب اهو آهي جيڪو جياري ۽ ماري ٿو چوڻ لڳو مان جياريندو ۽ ماريندو

الَّذِیۡ کَفَرَ ؕ وَ اللّٰہُ لَا یَہۡدِی الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِیۡنَ ﴿۲۵۸﴾ (پاره3،سورةالبقرة:258)

آهيان ابراهيم فرمايو ته الله سج کي آڀرندو آهي اوهان کان توهان ان کي اولهه کان آڻ ته کافر جا هوش اڏامي ويا ۽ الله ظالمن کي واٽ نه ٿو ڏيکاري.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن اِيمَان اَفروز مُنَاظري جو تفصيل هيئن آهي هڪ ڀيري ڏڪار پيو، برساتون نه ٿيون، اَناج ختم ٿيڻ لڳو، ماڻهو مشڪلاتن جا شڪار ٿيا. اهڙي مشڪل وقت ۾ نمرود بدبخت اها سياست ڪئي ته ڪٽڪ ۽ اناج جا تمام ذخيرا پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتا، هاڻي جيڪو اَنُ وٺڻ ايندو هو ته نمرود ان کان پڇندو هو: تنهنجو رَبّ ڪير آهي؟ هو چوندو هو ته منهنجو رَبّ تون آهين ته نمرود ان کي اَنُ ڏيندو هو. ان دوران حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام به نمرود جي دربار ۾ تشريف کڻي آيا. ان وقت حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ نمرود جي وچ ۾ مُنَاظرو ٿيو. (تفسيرنعيمی، پاره:3، سورۀ بقره، زيرِآيت:258، جلد:3، صفحہ62)

ان مُنَاظري ۾ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو اَصل هڪ ئي دليل آهي ۽ اهو هي ته

❖ رَبّ اهو هوندو آهي، جيڪو مڪمل قُدرت ۽ اختيار وارو هجي، ڪنهن جو محتاج نه هجي.

❖ ۽ صِرف هڪ ئي هستي آهي جيڪا ڪائنات ۾ مڪمل قدرت ۽ اختيار واري آهي.

❖ ان ڪري اها هڪ ئي هستي رَبّ آهي، سيئي ان جا محتاج آهن، هو ڪنهن جو محتاج نه آهي.

پر اهو دليل منطقي طريقيڪار کان ڪجهه مشڪل هو، لهٰذا حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام اهو دليل بيان ڪرڻ بدران، ان جا به مِثال بيان ڪيا، پوءِ جڏهن نمرود پڇيو ته اي ابراهيم! اوهان جو رَبّ ڪير آهي؟ ان تي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو:

رَبِّيَ الَّذِيْ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ
(پاره3،سورة البقرة:258)

**ترجمو كنزالايمان:** منهنجو رب اهو آهي جيڪو جياري ٿو ۽ ماري ٿو

يعني اي نمرود! خُود تنهنجو زِندهه هئڻ ۽ عنقريب موت جو شڪار ٿيڻ منهنجي رَبّ جو رَوشن دليل آهي، منهنجو رَبّ اهڙي قدرتن وارو آهي جو هو بي جان ۾ زِندگي پيدا فرمائي ٿو، جاندار کي موت ڏي ٿو. هڪ بي جان نُطفي مان جيئرو جاڳندو عقل مند انسان بڻائي ٿو، پوءِ جڏهن چاهي ٿو ان جاندار اِنسان کي موت ڏي ٿو، آني ۾ نہ ڪڙڪي آهي، نہ روشن دان، نہ اتي هوا ۽ نہ غِذا پهچي سگهي، اهڙي بند جڳهه ۾ چوزي کي زِندگي بخشي ٿو، غرض منهنجو رَبّ هر با اِختِيار کان وڌيڪ اِختيار ۽ قُدرت وارو آهي، زِندگي جو بہ اهو ئي خالِق آهي، موت جو بہ اهو ئي خالِق آهي، جيڪو بہ پنهنجي قُدرت ۽ اِختيار جو دعويدار آهي، هو پنهنجي قُدرت، پنهنجي طاقت ۾ بلڪ پنهنجي زِندهه هئڻ ۾ ئي منهنجي رَبّ جو محتاج آهي ۽ جيڪو محتاج هجي اهو ڪڏهن بہ خُدا نٿو ٿي سگهي، تنهنڪري خُدا صِرف هڪ ئي آهي ۽ اهو ئي اَصل قُدرت ۽ طاقت وارو آهي.

سب کا پیدا کرنے والا، میرا مولا، میرا مولا سب سے افضل، سب سے اعلیٰ، میرا مولا میرا مولا
سب کو وہ ہی دے ہے روزی، نعمت اس کی، دولت اس کی رازِق داتا، پالن ہارا، میرا مولا میرا مولا
ہم سب اس کے عاجز بندے، وہ ہی پالے، وہ ہی مارے خوبی والا، سب سے نرالا، میرا مولا میرا مولا
طاعت، سجدہ اُس کا حق ہے، اُس کو پوجو وہ ہی رب ہے اللہ اللہ، اللہ اللہ، میرا مولا میرا مولا

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام جو دليل بالڪل واضِح، مڪمل ۽ آساني سان سمجهہ اچڻ وارو هو ۽ ان جو جواب ڏيڻ نمرود بدبخت جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. البت نمرود هڪ بادشاهہ هو، ان وٽ سيئي ان جا وزير، مشير هئا، ان کي خُدا مڃڻ وارو عوام هو، انهن سيني جي اڳيان حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام جي دليل جو جواب نہ ڏئي سگهڻ، نمرود جي لاءِ سخت ذِلّت جو سبب

هو، ان ڪري ان بيوقوف پنهنجي ڪوڙي عِزّت بچائڻ جي لاءِ نهايت اَحمقاڻو جواب ڏيندي، چيو:

قَالَ اَنَا اُحْیٖ وَ اُمِیْتُ ؕ
(پاره3،سورة البقرة:258)

ترجمو ڪنزالايمان: چوڻ لڳو مان(به) جياريندو ۽ ماريندو آهيان.

يعني اي ابراهيم (عَلَيْهِ السَّلَام)! اوهان جي چوڻ مُطَابق جيڪڏهن ربّ اهو آهي جيڪو زِندگي ۽ موت ڏئي ٿو ته اهو ڪم ته مان به ڪري سگهان ٿو، تنهنڪري توهان جي ئي دليل مطابق مان رَبّ ٿيس. پوءِ نمرود پنهنجي هن دعويٰ کي سچو ثابت ڪرڻ جي لاءِ به قيدي گهرايا، انهن مان هڪ کي قتل ڪري ڇڏيائين ۽ ٻئي کي آزاد ڪري ڇڏيائين ۽ چيائين: ڏس! جنهن کي مون ڇڏي ڏنو، ان کي مون زِندگي ڏني ۽ جنهن کي قتل ڪيو، ان کي مون موت ڏنو.

الله! الله...!! ڪهڙي بيوقوفي واري ڳالهه آهي...!! ڪٿي هڪ بي جان شيءِ ۾ جان وجهڻ ۽ ڪٿي زِنده شخص کي زِنده ڇڏي ڏيڻ، انهن ٻنهي ڳالهين ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي، جيتوڻيڪ عقل مند انهيءَ مان سمجهي سگهي ٿو ته حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو ڏنل دليل پختو ۽ واضح آهي پر ان تي نمرود جي اها ظالمانه حرکت کيتري چريائپ واري آهي، البت اتي موجود سيئي ماڻهو نمرود جا حمايتي هئا، اهي نمرود جي هن چريائپ کي ان جي فتح سمجهندا رهيا، لهٰذا حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي انهيءَ دليل کي هڪ ٻئي انداز سان بيان ڪندي فرمايو:

فَاِنَّ اللّٰهَ یَاْتِیْ بِالشَّمْسِ مِنَ الْمَشْرِقِ فَاْتِ بِهَا مِنَ الْمَغْرِبِ
(پاره3،سورة البقرة:258)

ترجمو ڪنزالايمان: الله سج کي اڀرندو آهي اوڀر کان تون ان کي اولهه کان آڻ

يعني اي نمرود! بي جان جِسم ۾ جان پيدا ڪرڻ ته تنهنجي وس جي ڳالهه نه آهي، اي رَبّ هئڻ جا ڪوڙا دعويدار! تون هن کان آسان ڪم ئي ڪري

ڏيڪار، اهو هي تہ سج هڪ بي جان جسم آهي، اهو مسلسل حرڪت ڪري رهيو آهي، چاهي..! ان جي حرڪت کي روڪڻ مشڪل آ، تون بَس ايترو ڪر تہ سج اوڀر کان اولهہ ڏانهن لهندو آهي، تون ان جو سمت(رُخ) بدلي ڇڏ ۽ سج کي اولهہ بدران اوڀر ڏانهن لاهي ڏيڪار.

بَس اهو ٻڌڻ هو جو نمرود جا هوش اُڏامي ويا ۽ شرمندگي سبب ڦڪو ٿي ويو. ان نادان ۽ بدبخت کان ٻيو ڪجھ تہ نہ ٿي سگهيو، هٺ ڌرمي ڏيکاريندي چيائين: ابراهيم! وڃ...!! مون وٽ تنهنجي لاءِ اَناج ناهي، ان ربّ کان وڃي گُهر جنهن جي تون عبادت ڪرين ٿو. اهو ٻُڌي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام هٿين خالي واپس موٽي آيو، رستي ۾ هڪ واريءَ جي ڍير وٽان گذريا، اتان کان پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ ٿيليءَ ۾ وَاري ڀري ورتي ۽ گهر پهتا، واريءَ مان ڀريل ٿيلو رکي پاڻ آرام ڪرڻ لڳا. جڏهن پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام بيدار ٿيا تہ سندن گهرواري حضرت ساره رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَا ڪاڌو پيش ڪيو، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام پڇا ڪئي: اهو اناج ڪٿان آيو؟ عرض ڪيائين: اهو ئي آهي جيڪو اوهان ٿيلي ۾ ڀري ڪٽي آيا آهيو. اهو ٻُڌي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام سمجهي ويا تہ الله پاڪ پنهنجي قُدرت جي خزانن مان اسان کي رِزق عطا فرمايو آهي.

**اي عاشقانِ رسول!** ظالِم ۽ سرڪش بادشاهہ نمرود جو انجام انتهائي عبرتناڪ ٿيو، تفسير نعيمي ۾ آهي: نمرود جي لشڪرن تي مڇرن جو عذاب موڪليو ويو، مڇر ايترا وڏي ويا جو ان ڪري سج نظر نہ پئي آيو، انهن مڇرن نمرودي لشڪرن جو رت چوسي ورتو، گوشت پٽي ورتو ۽ نمرود کان عِلاوه باقي سڀني جون هڏيون ئي باقي رهجي ويون، نمرود ان عذابِ اِلٰهي کي ڏسندو هو پر ڪجھ نہ ڪري سگهندو هو، پوءِ هڪ مڇر نمرود جي نڪ جي ذريعي دماغ ۾ داخل ٿي ويو ۽ 400 سالن تائين ان جو مغز ڪائيندو رهيو، جڏهن مٿي ۾ ضرب لڳائي ويندي هئي تہ مڇر ڏنگڻ ڇڏي ڏيندو هو نہ تہ ڏنگيندو وتندو هو، ڏينهن رات ان جي مٿي تي جوتا ۽ ٺڦڙ لڳندا رهندا هئا، هاڻي ان جي دربار

جو اهو ادب هو تہ جيڪو اچي، نمرود جي مٿي تي جوتا هڻي. ان عذاب کان پهريان 400 سال نمرود گهڻو آرام سان سلطنت ڪئي ۽ 400 سال جوتا کائيندو رهيو، نيٺ سخت ذِلّت سان واصِلِ جهنّم ٿيو، ان جي عمر 800 سال کان ڪجهه وڌيڪ هئي. (تفسيرنعيمی، پاره:3، سورۂ بقره، زيرِآيت:258، جلد:3، صفحہ61تا63ملتقطاً)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## "تَوحِيد" جا دليل

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ هڪ آهي، ان جو ڪو شريڪ نہ آهي، الله پاڪ بي نياز آهي، سڀئي ان جا محتاج، هو ڪنهن جو محتاج ناهي، نہ هو ڪنهن جو پُٽ، نہ ان جي ڪا اَولاد، ڪو بہ ان جي برابر ناهي، ڪا شيء نہ ان جي مثل آهي، نہ ٿي سگهي ٿي، بلڪ حق اهو آهي تہ اهو ئي هڪ موجود آهي، باقي وُجُودَ عارضي، فانِي، الله پاڪ جي پيدا ڪرڻ سان وُجُود ۾ آيا، جڏهن هو چاهيندو تہ فَنَا ٿي ويندا.

| | | |
|---|---|---|
| لَامَوۡجُوۡدَ اِلَّا الله | | لَا مَشۡهُوۡدَ اِلَّا الله |
| لَا مَقۡصُوۡدَ اِلَّا الله | | لَا مَعۡبُوۡدَ اِلَّا الله |
| لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ، | اٰمَنَّا | بِرَسُوۡلِ الله |
| ہے موجودِ حقیقی وہ | | ہے مشہودِ حقیقی وہ |
| ہے مقصودِ حقیقی وہ | | معبودِ حق و حقیقی وہ |
| لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ، | اٰمَنَّا | بِرَسُوۡلِ الله |

وضاحت: يعني حقيقي وُجُود صِرف الله پاڪ جو آهي، باقِي جيڪو بہ موجود آهي، الله پاڪ جي پيدا ڪرڻ سان موجُود آهي، مَقصُودِ حقيقي بہ اهو ئي آهي تہ سڀئي انهيء جي معرفت چاهين ٿا، ان جي رِضا جا طلب گار رهن ٿا ۽ عِبَادت جي لائق بہ صِرف الله پاڪ آهي، ڪو مَعبُود ناهي پر الله، اسان الله

پاڪ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي ايمان آندو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! الحمدلله! الله پاڪ جي موجود هئڻ تي ۽ الله پاڪ جي هڪ هئڻ تي دُنيا جي هر شيءِ روشن دليل آهي، جيڪو نادان الله پاڪ جي وحدانيت جو، ان جي هڪ هئڻ جو، ان جي رَبّ هئڻ جو اِنڪار ڪري ٿو، ان جي صِرف زبان هلي ٿي، نہ تہ ان جون اکيون، ان جا ڪن، ان جا هٿ، ان جا پير، ان جو سڄو جسم، اُن جي جان بلڪ اُن جي ڳالهائڻ جي طاقت، اُن جو پنهنجو وُجُود خود زبانِ حال سان الله پاڪ جي وحدانيت جو اعلان ڪري رهيو هوندو آهي، جڻ ان جي پنهنجي ئي ذات ان کي اهو چئي رهي هوندي آهي تہ اي بيوقوف! اي عقل جا انڌا! تون جنهن دِماغ سان سوچين ٿو، اهو دماغ الله پاڪ ئي بڻايو آهي، تون جنهن زبان سان ڳالهائين ٿو، اها زبان الله پاڪ ئي بڻائي آهي، تون جن اکين سان ڏسين ٿو، اهي اکيون الله پاڪ ئي ٺاهيون آهن، تون جن هٿن سان پڪڙين ٿو، اهي هٿ بہ الله پاڪ ئي بڻايا آهن، تون جن شين سان هلين ٿو، اهي پير بہ الله پاڪ ئي بڻايا آهن، تنهنجي سيني ۾ دِل ڌڙڪي ٿي اها دِل بہ الله پاڪ بڻائي آهي، توکي زِندگي الله پاڪ بخشي آهي، توکي ڳالهائڻ، ٻڌڻ، سمجهڻ، سوچڻ، هلڻ ڦرڻ جي طاقت بہ الله پاڪ ئي بخشي آهي ۽ اهو الله پاڪ ئي آهي جو تون چاهي جيترو زَور لڳائين، جيتري بہ ترقي ڪري وٺين، عنقريب هو توکي موت جي حوالي ڪندو ۽ تون فنا ٿي ويندين، اي نادان پنهنجي اندر ئي غور ڪر! تنهنجو هئڻ، تنهنجو نہ هئڻ، سڀ ڪجهہ الله پاڪ جي وُجُود تي، ان جي هڪ هئڻ تي واضِح ۽ صاف دليل آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ فِیۡۤ اَنۡفُسِکُمۡ ؕ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ ﴿۲۱﴾

(پاره26،سورةالذّٰريٰت:21)

ترجموڪنزالايمان: ۽ پاڻ توهان ۾ پوءِ ڇا توهان ڏسو نہ ٿا.

يعني اي ڪافِرؤ...! توهان جي پيدائش جي مرحلن ۾، توهان جي عضون جي بناوٽ ۾، توهان جي عضون جي ترتيب ۾، توهان جي جسم جي اندروني نِظام ۾، توهان جي پيدائش کان بعد مرحليوار توهان جا حالات بدلجڻ ۾، توهان جي شڪلن، صُورتن ۽ زبانن جي اِختلاف ۾، توهان جي ذهني ۽ جسماني صلاحيتن جي مختلف هئڻ ۾، توهان جي ظاهر ۾، توهان جي باطِن ۾ الله پاڪ جي قُدرَت جا بي شُمار عجائبات موجود آهن ڇا توهان غور نٿا ڪيو...؟ (صراط الجنان، پاره:26، سورۀ ذاريات، زيرِآيت:21، جلد:9، صفحہ:495)

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اللہ واحد و یکتا ہے | | | ایک خدا بس تنہا ہے | |
| کوئی نہ اس کا ہمتا ہے | | | ایک ہی سب کی سنتا ہے | |
| لَآاِلٰہَ | اِلَّااللّٰہ، | اٰمَنَّا | بِرَسُوْلِ | اللّٰہ |
| ہر ہر ذَرَّہ ہر قطرہ | | | شاہد ہے ہر ہر لمحہ | |
| اس کی قدرت و صنعت کا | | | یکتائی و وَحْدَت کا | |
| لَآاِلٰہَ | اِلَّااللّٰہ، | اٰمَنَّا | بِرَسُوْلِ | اللّٰہ |
| میں ہوں بندہ وہ مولا | | | کون ہے اپنا اُس کے سِوا | |
| میں ہوں اس کا وہ ہے مرا | | | جس نے بنایا اور پالا | |
| لَآاِلٰہَ | اِلَّااللّٰہ، | اٰمَنَّا | بِرَسُوْلِ | اللّٰہ |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ مختصر مُناظَرو (حڪايت)

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ ڀيري امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ ڪجھ ڪافِر آيا، انهن امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان سُوال ڪيو: ٻڌايو! خُدا جي وُجُود جو ڪھڙو دليل آهي؟ (شايد امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان وقت شهتوت جي وڻ جي ويجهو ويٺل هئا،

ان ڪري) فرمايائون: اهو شهتوت (تُوت) جو وڻ ئي منهنجي قادِر ۽ قَيوم الله پاڪ جي وُجُود جو دليل آهي. ڪافِر چيو: اهو ڪيئن؟ فرمايائون: ڏسو! هن شهتوت جي وڻ جو پَنُ جيڪڏهن هرڻي کائي ونئي ته اهو مُشڪ بڻجي ويندو آهي، انهيءَ پن کي جيڪڏهن ٻڪري کائي ته کير بڻجي ٿو ۽ انهيءَ پن کي جيڪڏهن رَيشم جو ڪيڙو کائي ڇڏي ته ان مان رَيشَم بڻجي وڃي ٿو فَمَنِ الَّذِیۡ جَعَلَ هٰذِهِ الۡاَشۡیَاءَ کَذَالِكَ مَعَ اَنَّ الطَّبۡعَ وَاحِدٌ ته اهو ڪير آهي جيڪو هڪ ئي پن کي ايتريون شڪلون عطا فرمائي ٿو، جڏهن ته پن هڪ، ان جي طبيعت هڪ، مٽيريل هڪ، صرف کائڻ وارا جانور بدلجندا وڃن ته ان پن مان تيار ٿيڻ واري شيءِ بدلجندي ويندي آهي. بَس جيڪا ذات هڪ پَن کي ڪڏهن مشڪ، ڪڏهن کير ۽ ڪڏهن ريشم بڻائي ٿي، انهيءَ کي خُدا چوندا آهن، اهو خوب صُورت دليل ٻُڌي اهي ڪافِر يڪدم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا. (تفسيرِ ڪبير، پاره:1، سورهٔ بقره، زيرِآيت:21تا22، جلد:2، صفحه:333)

کوئی تو ہے جو نظامِ ہستی چلا رہا ہے، وہی خدا ہے
دکھائی بھی جو نہ دے، نظر بھی جو آرہا ہے، وہی خدا ہے
سفید اُس کا، سیاہ اُس کا، نفس نفس ہے گواہ اُس کا
جو شعلۂ جاں کو جلا رہا ہے، بجھا رہا ہے، وہی خُدا ہے

## فلسفي جو غرور ڪيئن خاڪ ۾ مليو...؟ (حڪايت)

مولانا رُوم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مَثنَوِي شريف ۾ فرمائن ٿا: هڪ پيرو هڪ فلسفي ڪٿان ڪان گذري رهيو هو ان جي ڪنن ۾ تِلاوتِ قرآن جو آواز آيو، ڪو شخص سوره مُلڪ جي تِلاوت ڪري رهيو هو، جڏهن اُن سوره مُلڪ جي آخري آيت تِلاوت ڪئي، جنهن ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ اَصۡبَحَ مَآؤُكُمۡ غَوۡرًا فَمَنۡ يَّاۡتِيۡكُمۡ بِمَآءٍ مَّعِيۡنٍ ﴿٣٠﴾
(پاره29،سورة الملک:30)

ترجموڪنزالايمان: تون فرماءِ ڀلا ڏسو ته صبح جو توهان جو پاڻي زمين ۾ صفا هيٺ لهي وڃي ته پوءِ اهو ڪير آهي جيڪو توهان کي پاڻي آڻي ڏيندو نگاهه جي سامهون وهندڙ.

اها آيت سڳوري ٻُڌي ان فلسفي تڪبر ۽ غرور وچان چيو: اها ڪهڙي مشڪل ڳالهه آهي، جيڪڏهن الله پاڪ پاڻي کي زمين ۾ پوري چڏي ته اسان سائنس جي آڏار تي مختلف آلن جي ذريعي پاڻي کي وري ڪڍي وٺنداسين. ان ڪافِر ۽ منڪر فلسفي اها ڳالهه ڪئي ۽ پنهنجو رستو وٺي هليو ويو، رات جو جڏهن اهو سُتو ته خواب ۾ ڏٺائين ته هڪ تمام طاقتور شخص آيو، ان شخص ان فلسفي جي منهن تي زَور دار چماٽ وهائي ڪڍي، جنهن سان ان جون ٻه اکيون نڪري ويون ۽ گڏوگڏ اکين ۾ جيڪو نور جو هڪ هڪ قطرو پاڻي هو اهو زمين تي ڪري سڪي ويو.

چماٽ هڻڻ واري ان شخص خواب ئي خواب ۾ چيو: اي بدنصيب! جيڪڏهن تون واقعي ڪوڏر، پاهوڙي ۽ ٻين سائنسي آلات جي ذريعي، الله پاڪ جي مدد کان سواءِ پاڻي کي زمين مان ڪڍي سگهين ٿو ته تون پنهنجي اکين مان نڪرڻ وارن انهن ٻن قطرن کي زمين مان ڪڍي ڏيکار...؟

صبح جو جڏهن فلسفي صاحب بيدار ٿيو ته اکيون خراب ٿيل هيون، ڪجهه نظر نه اچي رهيو هو، غرور و تڪبر جو سڄو نشو ٻه لهي چڪو هو ۽ الله، الله پڪار رهيو هو.

کسی کو تاجِ وقار بخشے، کسی کو ذِلّت کے غار بخشے
جو سب کے ماتھے پہ مہرِ قُدرت لگا رہا ہے، وہی خُدا ہے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# اسان الله پاڪ جي رَبّ هئڻ تي راضِي آهيون

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلام جو نمرود سان جيڪو مُنَاظَرو ٿيو، جنهن مُنَاظَري کي الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ بہ بيان فرمايو آهي، ان مُنَاظَري ۾ اسان جي لاءِ عِبرت ۽ نصيحت جا ڪوڙ سارا مدني گل آهن، هڪ تمام اهم ۽ ايمان افروز مدني گل جيڪو بعض مُفَسِّرن بيان ڪيو آهي، اهو هي آهي تہ جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلام جو نمرود سان اهو مُنَاظَرو ٿيو هو، ان وقت جي حالت جو مَنظَر تَصَوُّر ۾ آڻيو! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلام جي مقابلي ۾ جيڪو شخص آهي اهو تمام دُنيا جو بادشاهہ آهي، انتهائي سرڪش و ظالِم آهي ۽ خُدائي جي دعويٰ بہ ڪري ٿو، وزير مُشِير بہ ان جا آهن، سپاهي بہ اُن وٽ آهن ۽ عوام بہ ان جي ها ۾ ها مِلائڻ واري آهي، ٻئي پاسي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلام بلڪل اڪيلا آهن، نہ سندن وٽ فوج، نہ سپاهي، نہ ظاهري دُنياوي تاج، نہ تخت، نہ ئي ڪو حمايتي.

هن حال ۾ نمرود حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلام کان پڇي ٿو: اي ابراهيم! ٻڌايو، اوهان جو رَبّ ڪير آهي؟

سُبحٰنَ الله! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلام جي ايماني قُوَّت ڏسو، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلام جي بي مِثال شُجاعت ڏسو، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلام جو الله پاڪ تي ڪمال ڀروسو ڏسو، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلام بلڪل نہ ڊنا، گهٻرايائون بہ نہ، پُوري خود اعتمادي سان، وڏي يقين سان ۽ فخريہ انداز ۾ پنهنجي رَبّ جي وُجُود تي، پنهنجي رَبّ جي هڪ هئڻ تي دليل ڏنو ۽ دليل جا الفاظ ڪهڙا هئا؟ فرمايائون: رَبِّيَ الَّذِيۡ منهنجو رب اهو آهي، هتي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلام هيئن بہ چئي سگهيا ٿي تہ: اي نمرود! تنهنجو رَبّ اهو آهي يا اسان سڀني جو رَبّ يا جيڪڏهن تمام جهانن جو رَبّ چئي دليل ڏين ها تہ اها اجا وڌيڪ واضِح ٿئي ها پر بعض مُفَسّرين لکن ٿا: حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلام هن جڳهہ "رَبِّيۡ (منهنجو رَبّ)" چيو، هن

۾ پاڻ فخر جو اِظهار فرمايائون، جڏهن پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام نمرود کي اهو ٻڌائي رهيا هئا ته اي نمرود! تون اهو آهين جيڪو ماڻهن کي مجبور ڪري، سزائون ڏئي، ماڻهن جي حقن تي قبضو ڪري، اَنُ ۽ اناج رَوڪي زبردستي پنهنجو پاڻ کي خُدا چورائين ٿو پر حقيقي خُدا اهو آهي جو مان مَجبُوراً اُن کي خُدا نٿو مڃان بلڪ مون کي فخر آهي ته مان ان خُدا جو ٻانهو آهيان، ان قُدرت واري خُدا تي يقين رکان ٿو، جيڪو زِندگي به ڏي ٿو، موت به ڏي ٿو، سج کي اوڀر مان ڪڍي ٿو، اولهه ۾ لاهي ٿو، اهو ئي سچو رَبّ آهي ۽ اهو ئي حقيقي مَعبُود آهي.

**اي عاشقانِ رسول!** اهو جيڪو نمرود جي سامهون حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو مبارڪ انداز آهي، اها جيڪا لفظن جي چُونڊ آهي، اها ايمان کي تازگي بخشڻ واري آهي، اسان حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي مِثل ته نٿا ٿي سگهون، اسان کي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جيترو ايمان وارو نور ته نصيب نٿو ٿي سگهي، ڇوته حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام نبي آهن، الله پاڪ جا خليل آهن، البته حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي پيروي ۾، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي بارگاهه مان فيض حاصِل ڪري الحمد لله! اسان به هن ڳالهه تي فخر ڪيون ٿا ته اسان هڪ الله پاڪ وَحدَه لَاشَرِيڪ تي ايمان رکڻ وارا آهيون، اسان کي فخر آهي ته اسان جو رَبّ اهو آهي جيڪو زِندگي به ڏي ٿو، موت به ڏي ٿو، اسان کي فخر آهي ته اسان جو رَبّ تمام جهانن جو پالڻهار آهي، اسان کي فخر آهي ته اسان جو رَبّ اهو آهي جيڪو سڀني کي رِزق ڏي ٿو، اسان کي فخر آهي ته اسان جو رَبّ اهو آهي جنهن زمين بڻائي، جنهن آسمان بڻايا، جنهن چنڊ سج، تارا بڻايا، اسان کي فخر آهي ته اسان جو رَبّ اهو آهي جيڪو گل، ميوا ڦُٽائي ٿو، اسان کي فخر آهي ته اسان جو رَبّ اهو آهي جيڪو برسات وسائي ٿو، برسات جي هڪ قطري کي سِپ ۾ رکي ان کي موتي بڻائي ٿو، اسان کي فخر آهي ته اسان جو رَبّ اهو آهي جيڪو پاڻي جي هڪ بُوند مان جيئرو انسان بڻائي ٿو، اسان کي فخر آهي ته اسان جو رَبّ اهو آهي جيڪو قُدرتن وارو آهي، جيڪو عظمتن وارو آهي، جيڪو رِفعتن وارو آهي، اسان جو رَبّ اهو آهي جنهن کي نه ننڊ اچي ٿي، نه

جهوٽو اچي ٿو، اسان کي فخر آهي تہ اسان جو رَبّ اهو آهي جنهن جي شان ۽ عظمت جا نظارا هر پاسي پکڙيل آهن، ذَرّو ذَرّو ان جي قُدرت جو مظهر آهي، اسان کي فخر آهي تہ اسان جو رَبّ اهو آهي جنهن کي ڪڏهن فَنَا ناهي، اسان کي فخر آهي تہ اسان جو رَبّ اهو آهي جنهن جي شان ۽ عظمت جي ڪا انتها ناهي، اسان کي فخر آهي تہ اسان اُنهيءَ سچي، حقيقي خُدا جا مڃڻ وارا آهيون جنهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي پنهنجي دَستِ قُدرت سان بڻايو، اهو ئي رَبّ آهي جنهن حضرت نُوح عَلَيْهِ السَّلَام کي طُوفان ۾ محفوظ فرمايو، اهو ئي رَبّ آهي جنهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي لاءِ باهہ کي گلزار بڻايو، اهو ئي رَبّ آهي جنهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي لاءِ دريا ۾ رستا بڻايا، اهو ئي رَبّ آهي جنهن حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام کي ڪائنات تي حڪومت بخشي، اهو ئي رَبّ آهي جنهن حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي بنا پيءُ جي پيدا فرمايو ۽ اسان کي فخر آهي تہ اسان اُن اللہ وَحْدَهٗ لَاشَرِيك تي ايمان رکڻ وارا آهيون جنهن تمام جهانن جي آقا ۽ موليٰ، سردارِ انبياء، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي رَحْمَةٌ لِّلعَالَمِيْن بڻائي موڪليو.

وہی رَبّ ہے جس نے تجھ کو ہمہ تن کرم بنایا ہمیں بھیک مانگنے کو تیرا آستاں بتایا
تجھے حمد ہے خُدایا

بلڪ اي عاشقانِ رسول! اللہ پاڪ جي رَبّ هئڻ تي تہ اسان کي فخر آهي، سَو آهي، اسان تہ هن ڳالهہ تي بہ هزار ڀيرا فخر ڪيون ٿا تہ اللہ پاڪ اسان کي پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اُمَّتِي بڻايو آهي، الحمد للہ! اسان کي فخر آهي تہ اسان اُن آقا جا غُلام آهيون جيڪو رَحْمَةٌ لِّلعَالَمِيْن آهي، اسان اُن آقا جا غُلام آهيون جيڪو انبياء جو سردار آهي، اسان اُن آقا جا غُلام آهيون جن کي محبوبِ خُدا چيو وڃي ٿو، اسان اُن آقا، ٻنهي جهانن جي داتا، رسولِ خُدا، محبوبِ انبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا غُلام ۽ اُمَّتِي آهيون جن کي اللہ پاڪ عرش تي بلڪ ان کان بہ مٿي پنهنجي قُربِ خاص ۾ گهرايو، پنهنجو جلوو بہ ڏيکاريو،

پوءِ واپس مڪ مڪرمہ ۾ پهچايو ۽ اسان جا گُناھ بخشرائڻ جي لاءِ، مشڪلون حل ڪرائڻ جي لاءِ، دِين ۽ دُنيا جون ڀلائيون ماڻڻ جي لاءِ اُن پاڪ نبي، مڪي مدني، رسولِ هاشِمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو آستانو ٻڌايو، الحمد لله! اسان کي هن ڳالھ تي فخر هو، هن تي فخر آهي ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هن تي اسان کي قيامت تائين فخر ئي رهندو.

حضرت اَبُو سعيد خُدري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ رَضِيَ بِاللّٰهِ رَبًّا وَ بِالْاِسْلَامِ دِيْنًا وَ بِمُحَمَّدٍ رَسُوْلًا وَجَبَتْ لَهُ الْجَنَّةُ جيڪو الله پاڪ جي رَبّ هئڻ تي راضِي ٿي ويو (يعني مشڪل ۾، آساني ۾ هر حال ۾ صبر ۽ شڪر ڪندي، الله پاڪ کي پنهنجو رَبّ مڃيندو رهيو)، ۽ جيڪو اسلام جي دِين هئڻ تي ۽ مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رَسُول هئڻ تي راضِي ٿي ويو، ان جي لاءِ جَنّت واجِب ٿي وئي. (مشڪوٰۃ ، ڪتاب:الجهاد، الفصل:الثالث، جزء:3، جلد:2، صفحہ:33، حديث:3851)

سيدي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي آقا، محبوبِ خُدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي غُلامي تي فخر جو اِظهار ڪندي فرمائن ٿا:

میرے آقا کا وہ دَر ہے جس پر ماتھے گِھس جاتے ہیں سرداروں کے
کیسے آقاؤں کا بندہ ہوں رضا بول بالے مِری سرکاروں کے

(حدائقِ بخشش، صفحہ:359تا360)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جون اَعليٰ وصفون

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جن نمرود سان مُناظرو ڪيو ۽ پنهنجي دليلن جي روشني ۾ نمرود کي بيوس ڪري ڇڏيو، پاڻ الله پاڪ جا

برگزيده نبي ۽ الله پاڪ جا خليل آهن، اسان جا پيارا نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام ۾ سڀ کان اَفضَل آهن، رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان پوءِ سيني کان بلند رُتبو حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ئي جو آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ 50 کان وڌيڪ پيرا سندن جو نالو ذِڪر فرمايو ۽ سندن کوڙ اعليٰ وصفون بہ قرآنِ ڪريم ۾ بيان ٿيون آهن. (بصائر ذوی التمییز، الباب:الثلاثون، بصيرة فی ذکر ابراہیم، جلد:6، صفحہ:24) اچو! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي ڪجھ اعليٰ وصفن جو ذِڪرِ خير ٻڌون ٿا:

## (1-3): حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام حليم، اَوَّاهُ ۽ مُنِيب آهن

سيپاري: 12، سوره هود، آيت: 75 ۾ ارشاد آهي:

اِنَّ اِبۡرٰهِيۡمَ لَحَلِيۡمٌ اَوَّاهٌ مُّنِيۡبٌ ﴿۷۵﴾
(پارہ12،سورۃھود:75)

ترجموڪنزالايمان: بيشڪ ابراهيم بردبار گهڻي عاجزي ۽ گريو ڪندڙ ۽ رجوع ڪندڙ آهي.

هن آيت سڳوري ۾ الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جون ٽي وصفون بيان ڪيون آهن: (1): حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام حِلم وارا آهن، (2): حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام اَوَّاه آهن، (3): حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام مُنِيب آهن.

حِلم جي معني آهي: بُرد باري، نَرم دِلي، ***Tolerance***. امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: انسان کي ڪاوڙ اچي ۽ هو ڪوشش ڪري، تڪليف سان، نفس کي مجبور ڪري ڪاوڙ کي دٻائي تہ ان عَمَل کي کَظۡمُ الۡغَيۡظ چيو ويندو آهي، يعني ڪاوڙ پيئڻ، جيڪڏهن هر هر انهيءَ طرح ڪاوڙ روڪڻ جي مَشق (***Practice***) ڪئي وڃي، ايستائين جو اهڙي حالت ٿي وڃي جو ڪاوڙ اچي ئي نہ ۽ جيڪڏهن ڪاوڙ اچي تہ ان کي روڪڻ ۾ تڪليف سان ڪم نہ وٺڻو پوي بلڪ آساني سان ڪاوڙ روڪي وڃي، ان ڪيفيت کي حِلم چيو ويندو آهي. امام

غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: ڪاوڙ پيئڻ جي نسبت حِلم وڌيڪ اَفضل آهي، حِلم عقل جي ڪمال جو دليل آهي. (اِحْياءُالعلوم، جلد:3، صفحہ:535تا536)

اي عاشقانِ رسول! ❖ حِلم الله پاڪ جي صِفَت آهي، ❖ جنهن خوش نصيب کي حِلم جي دَولت نصيب ٿي وجي، ❖ حِلم وارو الله پاڪ جو پسنديده ۽ پيارو ٻانهو بڻجي ويندو آهي، ❖ ملائڪ حِلم واري جا مددگار ٿيندا آهن، ❖ حِلم واري جي ماڻهو واکاڻ ڪن ٿا ❖ ۽ حِلم وارو انسان بلند درجن تائين پهچي ويندو آهي. ❖ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: پنج شيون سُنتِ انبياء آهن، انهن مان هڪ حِلم آهي. (معجم کبير، جلد:5، صفحہ:324، حديث:11282) ❖ هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: بيشڪ مسلمان حِلم جي ذريعي ڏينهن جو روزو رکڻ ۽ رات جو عبادت ڪرڻ واري جو درجو ماڻي وٺندو آهي. (معجم اوسط، جلد:4، صفحہ:369، حديث:6273) ❖ سرڪارِ عالي وقار، مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: بيشڪ الله پاڪ حِلم واري کي پسند فرمائي ٿو. (سنن کبریٰ بیہقی، کتاب:النکاح، باب:ماجاء فی قبلۃ الجسد، جلد:7، صفحہ:174، حدیث:13587) ❖ هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: قيامت جي ڏينهن مخلوق کي گڏ ڪيو ويندو، هڪ اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو: اَهلِ فَضَل ڪٿي آهن؟ اهو ٻُڌي ڪجھ ماڻهو اٿي جلدي سان جنّت ڏانهن وڌي ويندا، ملائڪ انهن کان پڇندا: توهان جلدي جلدي جنّت ڏانهن ڇو وڃي رهيا آهيو؟ هو چوندا: اسان ئي اَهلِ فَضل آهيون. ملائڪ پڇندا: توهان جي فضيلت ڇا آهي؟ هو چوندا: جڏهن اسان تي ظُلم ڪيو ويندو هو ته اسان صبر ڪندا هئاسين، اسان سان بُرو رَويو اختيار ڪيو ويندو هو ته اسان مُعَاف ڪندا هئاسين ۽ جڏهن اسان کان ڪو جهالت وارو ورتاءُ ڪندو هو ته اسان حِلم جو مُظاهرو ڪندا هئاسين. (شعب الايمان، باب:فی حسن الخلق، جلد:6، صفحہ263، حديث:8086)

تُو عطا حِلم کی بھیک کر دے میرے اخلاق بھی ٹھیک کر دے
تجھ کو فاروق کا واسطہ ہے یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائلِ بخشش، صفحہ:139)

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي ٻي وَصف جيڪا سوره هود جي آيت:75 ۾ ارشاد ٿي، اها اَوَّاهٌ آهي، اَوَّاهٌ جي لفظي معني آهي: گهڻو روئڻ وارو. عالم سڳورن "اَوَّاهٌ" جون 13 معنائون بيان ڪيون آهن، انهن معنائن جي اعتبار سان آيت سڳوري جو مطلب اهو ٿيندو تہ ❖ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام گهڻي گريہ و زاري ڪرڻ وارا آهن، ❖ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام گهڻو درد رکندڙ (يعني الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارا) آهن، ❖ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام گهڻي عاجزي ڪرڻ وارا آهن، ❖ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام وڏيڪ دُعائون ڪرڻ وارا آهن. ❖ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام گهڻي تَوبہ ڪرڻ وارا آهن. ❖ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام گهڻو رحم فرمائڻ وارا آهن، ❖ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام پختي يقين وارا آهن، ❖ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام گهڻي تسبيح پڙهڻ وارا آهن، ❖ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ڀلائي سيکارڻ وارا آهن، ❖ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جهنّم کان گهڻو ڊڄڻ وارا آهن، ❖ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام بُرائي کان گهڻو بچڻ وارا آهن، ❖ حبشي زبان ۾ "اَوَّاهٌ" رَحم ۽ ڪرم ڪرڻ واري کي چوندا آهن، هن لحاظ سان معنٰي ٿيندي: حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام گهڻو رَحم فرمائڻ وارا، گهڻو ڪرم ڪرڻ وارا آهن، ❖ امام بُخَاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اَوَّاه اُن کي چوندا آهن، جنهن جي دل هر وقت الله پاڪ ڏانهن لڳل رهي، هن لحاظ سان معنيٰ ٿيندي: حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام اهي آهن، جن جي دِل هر وقت الله پاڪ ڏانهن لڳل رهندي آهي. (تفسيرنعيمی، پاره:12، سورهٔ هود، زيرِآيت:75، جلد:12، صفحہ224)

حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي ٽئين وَصف جيڪا قرآنِ ڪريم ۾ بيان ٿي آهي اها مُنِيب آهي. اهو لفظ اِنَابَة مان نڪتو آهي ۽ اِنَابَة جي معنٰي آهي: اَلرُّجُوۡعُ مِنَ الۡكُلِّ اِلٰى مَنۡ لَهُ الۡكُلُّ سڀ ڪجهہ ڇڏي صِرف اُن جو ٿي وڃڻ جيڪو سيني جو مالِڪ آهي. هن لحاظ سان آيت سڳوري جي معنيٰ ٿيندي: حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام دُنيا ۽ دُنيا جو سڀ ڪجهہ ڇڏي ، صِرف الله پاڪ ڏانهن رُجُوع ڪرڻ وارا آهن. (نضرة النعيم، جلد:3، صفحہ:540)

سُبحٰنَ الله! الله پاڪ جي پياري نبي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جون ڪيتريون پياريون پياريون وصفون آهن، اللّٰه پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي صدقي اسان کي بہ پنهنجي ڪامِل محبت نصيب فرمائي، ڪاش! حِلم جي دَولت ملي وڃي، ڪاش! اسان الله پاڪ جي خوف مان، ان جي محبت ۾ گريہ و زاري ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، ڪاش! دُنيا جي محبت دِل مان نڪري وڃي ۽ اسان صِرف الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب، دلين جي طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڏانهن رُجُوع ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

محبت میں اپنی گما یا الٰہی     نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی
رہوں مست و بے خود میں تیری ولا میں     پلا جام ایسا پلا یاالٰہی
مرے دل سے دنیا کی چاہت مٹا کر     کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی
مرے اشک بہتے رہیں کاش ہر دم     ترے خوف سے یا خدا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش، صفحہ:105ملتقطاً)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4): حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام وڏا اطاعت گذار آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي هڪ تمام ئي پياري وَصف بيان ڪندي الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِذْ قَالَ لَهٗ رَبُّهٗۤ اَسْلِمْ ۙ قَالَ اَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۳۱﴾ (پاره1،سورة البقرة:131)

ترجمو ڪنزالايمان: جڏهن ان کي سندس پالڻهار فرمايو تہ ڪنڌ جهڪاءِ عرض ڪيائين مون ان جي لاءِ ڪنڌ جهڪايو، جيڪو ساري جهان جو پالڻهار آهي.

مُفَسِّر سڳورا فرمائن ٿا: حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي عُمر مبارڪ 7 سالن جي هئي جڏهن کين فرمايو ويو: اي ابراهيم! هر طرح سان اسان جو فرمانبردار ٿي وڃ! ان تي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام بِلا تَاَمُّل (يعني بنا دير، بنا جهجڪ، يڪدم) عرض ڪيو: مان دِل ۽ جان سان پنهنجي رَبّ جو فرمانبردار ٿيان ٿو.

پوءِ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سڄي زِندگي هن تي قائِم رهيا، ان جي لاءِ سندن کي وڏي وڏي مشڪلاتن مان به گذرڻو پيو پر پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي فرمانبرداري نه ڇڏي. جڏهن پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام نُبُوَّت جو اِعلان فرمايو ته نمرود بَدبخت پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي مَعَاذَ الله! باهه ۾ وجهڻ جي ناپاڪ جسارت ڪئي، جڏهن کين باهه ۾ وڌو پئي ويو، ان وقت حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام حاضِر ٿيا، عرض ڪيائون: اي ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام! ڪا حاجت هجي ته ٻڌايو. فرمايائون: جبريل! اوهان سان ڪا حاجت نه آهي. عرض ڪيائين: ته الله پاڪ کي عرض ڪريو. فرمايائون: الله پاڪ پاڻ ڏسي ٿو، عرض ڪرڻ جي ضرورت ناهي.

جڏهن قوم سندن ڳالهه نه ٻُڌي، ڪلمو پڙهي دِينِ حق جي پيرو ڪار نه بڻي، قوم ضِد ۽ هٺ ڌرمي ڏيکاري ته پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجو گهر ٻار ڇڏي راهه خُدا ۾ هجرت ڪئي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام وڏي عمر جا هئا، جڏهن پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي اَولاد جي نعمت عطا ٿي، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جا پهريان شهزادا حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام اجا کير پيئڻ جي عمر ۾ هئا ته حڪم ٿيو: اي ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام! پنهنجي پُٽ کي ۽ سندن والِده کي مڪه مڪرمه ڇڏي اچو. مڪو پاڪ ان وقت بلڪل غير آباد هو، اتي نه ڪو رهندو هو، نه اتي زِندگي گذارڻ جا اسباب هئا، ان وقت به حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ڪو عُذر نه ڏيکاريو بلڪ سر جهڪائي پنهنجي شهزادي کي مڪهءِ مڪرمه ڇڏي آيا، پوءِ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي عمر مبارڪ اجا 13 سال يا 17 سال هئي جو حڪم ٿيو: اي ابراهيم! پنهنجي پُٽ کي قربان ڪريو، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ان حڪم تي به سر جهڪايو ۽ پٽ جي ڳلي تي ڇُري رکيائون. (تفسیرنعیمی، پارہ:1، سورۂ بقرہ، زیرِآیت:131، جلد:1، صفحہ:745تا746بتغیرقلیل)

سُبحٰنَ اللّٰه! اها آهي اَصل فرمانبرداري...! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جڏهن الله پاڪ جي اهڙي ڪمال فرمانبرداري اختيار ڪئي ته پاڻ کي اِنعَام ڇا مليو...؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ لَقَدِ اصۡطَفَيۡنٰهُ فِي الدُّنۡيَا ۚ وَ اِنَّهٗ فِي الۡاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيۡنَ ﴿۱۳۰﴾
(پاره1،سورة البقرة:130)

ترجموڪنزالايمان: ۽ بيشڪ ضرور اسان ان کي دنيا ۾ چونڊيو. ۽ بيشڪ هو آخرت ۾ اسان جي خاص قرب جي قابليت وارن مان آهي.

هن آيت ۾ الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جا ٻه بُلند شان بيان ڪيا آهن: (1) الله پاڪ دُنيا ۾ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي ڪوڙ سارين صفتن سان گڏ چونڊي ورتو، پاڻ کي نبوت عطا ٿي، ڪين رسول بڻايو ويو، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام کي اِمامت ڏني وئي، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کان پوءِ جيترا نبي ٿيا، سيئي سندن اَولاد مان ٿيا، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي الله پاڪ پنهنجو خليل بڻايو، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام تي ئي حج جا افعال ظاهر ٿيا، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ئي جو بڻايل ڪعبو هميشه جي لاءِ باقِي رکيو ويو، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ئي جو آباد ڪيل مڪو پاڪ مقامِ اَمَن بڻايو ويو، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ئي جي تمام آسماني دِين وارا ساراهه ڪن ٿا، عرب و عَجَم ۾ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي نالي جي شهرت آهي، ۽ ٻيو شان اهو ته (2): حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي الله پاڪ آخرت ۾ خاص صالحين ۾ رکيو يعني قيامت جي ڏينهن خاص تاج وِلايت پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جي مٿي تي رکيو ويندو، قيامت جي ڏينهن حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي خاص عزت جي پوشاڪ پارائي ويندي، آخرت ۾ سڀ ڏاڙهي ڪوڙ هوندا، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي مبارڪ چهري تي ڏاڙهي پاڪ هوندي ۽ قيامت جي ڏينهن حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ئي جي شهزادي احمد مجتبيٰ، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان ۽ عظمت ڏيکاريو ويندو. (تفسيرنعيمی، پاره:1، سورهٔ بقره، زيرِآيت:130، جلد:1، صفحه:744بتغيرقليل)

دکھائی جائے گی محشر میں شانِ محبوبی  کہ آپ ہی کی خُوشی، آپ کا کہا ہو گا
خُدائے پاک کی چاہیں گے اگلے پچھلے خُوشی  خُدائے پاک خوشی اُن کی چاہتا ہو گا
(ذوقِ نعت، صفحہ:51)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!  صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول!** اسان الله پاڪ جا ٻانها آهيون ۽ ٻانهي جو ڪم عقل ڊوڙائڻ ناهي، حڪم مڃڻ هوندو آهي. سيپاري: 22، سوره اَحزَاب، آيت:36 ۾ ارشاد آهي:

وَ مَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّ لَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗۤ اَمْرًا اَنْ یَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِیَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ

ترجموڪنزالايمان: ۽ ڪنهن بہ مسلمان مرد ۽ عورت کي حق نٿو پهچي جو جڏهن الله ۽ رسول ڪجهہ حڪم فرمائن پوءِ بہ انهن کي پنهنجي معاملي جو ڪو اختيار رهي.

هن آيت ۾ فرمايو ويو تہ اي مسلمانو! جڏهن الله پاڪ ۽ ان جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ توهان جي جان، مال يا ڪنهن حوالي سان ڪنهن شيءِ جو حڪم ڪن تہ توهان کي ان ۾ دَخل ڏيڻ جو اختيار ناهي رهندو، ان حڪم تي ڪنڌ جهڪائڻ توهان جو فرض آهي. مُفَسِّرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن آيت سڳوري مان هڪ تہ اهو معلوم ٿيو تہ الله پاڪ جو حڪم هجي يا الله پاڪ جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو حڪم هجي، ٻئي برابر طَور تي واجِبُ العَمَل آهن، اهڙي طرح آيت سڳوري مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ شريعت جو ڪو حڪم جيڪڏهن اسان جي طبيعت جي مُطَابق هجي تہ ان تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪو حڪم اسان جي طبيعت، اسان جي راءِ ۽ اسان جي عقل جي خِلاف هجي تہ اهو قُصُور شرعي

حڪم جو ناهي بلڪ اسان جي طبيعت، اسان جي راءِ ۽ عقل جو آهي، تنهنڪري اهڙن اَحڪامن جي باري ۾ ٻانهي ڪي گهرجي ته عقل جا گهوڙا ڊوڙائڻ بدران، پنهنجو پاڻ کي اِطاعت ڪرڻ تي مجبور ڪري، اِن شَآءَالله الڪرِيم! انهيءَ ۾ بهتري ڏسندو. الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اَحڪام تي اعتراض ڪرڻ ۾ بدبختي آهي. (شانِ حبيب الرحمٰن، صفحه:165 و 167)

ڏسو! شيطان مَردُود پهريان ڪيتري وڏي رُتبي تي هو، ان کي الله پاڪ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي سجدو ڪرڻ جو حڪم ڏنو، ان بداَنجام الله پاڪ جي حڪم تي اعتراض ڪيو، حڪمِ اِلٰهي جي مُقابلي ۾ پنهنجو ناقِص عقل ڏيکاريو ته هميشه جي لاءِ مَردُود ٿي ويو. معلوم ٿيو: الله پاڪ جي اَحڪامن جي مُقابلي ۾ عقل جا گهوڙا ڊوڙائڻ، پنهنجي ناقِص راءِ کي بهتر سمجهڻ شيطاني ڪم آهي ۽ الله پاڪ جي اَحڪام تي ڪنڌ جهڪائڻ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام بلڪ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام ۽ نيڪ ماڻهن جو طريقو آهي.

عقل کو تنقید سے فرصت نہیں　عشق پر اعمال کی بنیاد رکھ

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: چوڪ دَرس

اي عاشقانِ رسول! نيڪ نمازي بڻجڻ، الله پاڪ ۽ ان جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ به خوب وڌ ڪان وڌ حِصو وٺو! اِن شَآءَ الله الڪرِيم! دِين و دُنيا جون بي شُمار ڀلائيون نصيب ٿينديون. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: چوڪ درس.

الحمد لله! دعوتِ اسلامي وارا مَسجِدن ۾ ته دَرس ڏين ئي ٿا، ان سان

گڏوگڏ چوڪ، بازار، اسڪول ڪاليج وغيره ۾ به دَرس ڏين ٿا، نيڪي جي دَعوت ڪي عام ڪن ٿا ۽ سُنتن کي عام ڪن ٿا.

## گُنَاهن کان توبه نصيب ٿي وئي

لانڍي (ڪراچي پاڪستان) جي رهندڙ هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي: اسان جي علائقي ۾ هڪ ويڊيو سينٽر جي ٻاهر دعوتِ اسلامي سان وابسته هڪ اسلامي ڀاءُ سردي گرمي جي پرواهه ڪرڻ بغير مستقل مزاجي سان چوڪ دَرس ڏيندو هو، اهو اسلامي ڀاءُ ان ويڊيو سينٽر جي مالِڪ کي به درس ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندو هو پر هو روزانو مَصرُوفيت جو چئي مَعذرت ڪندو هو، آخر هڪ ڏينهن ويڊيو سينٽر جي مالِڪ به دَرس ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن مبلغِ دعوتِ اسلامي دَرس شروع ڪيو ته خوفِ خُدا ۽ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان ڀريل الفاظ تاثير جو تِير بڻجي ان جي دِل ۾ سمائجي ويا، غفلت جا پردا هٽي ويا ۽ چوڪ دَرس جي برڪت سان ويڊيو سينٽر جي مالِڪ تي آخرت جو فِڪر غالِب اچي ويو. دَرس کان پوءِ اسلامي ڀاءُ ان کي دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اِجتماع ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، هو هفتيوار اِجتِماع ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو، آهسته آهسته اُن ۾ تبديلي اچڻ شروع ٿي، نيٺ ويڊيو سينٽر جي مالِڪ سمورن گُنَاهن کان توبه ڪئي، گُنَاهن ڀريو ڪاروبار يعني ويڊيو سينٽر به بند ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح الحمد لله! گُنَاهن جي دلدل ۾ ڦاٿل مسلمان چوڪ دَرس جي برڪت سان نيڪ رستي جو مُسَافِر بڻجي ويو.

(میں نے ویڈیو سینٹر کیوں بند کیا؟، صفحہ:5)

اسی ماحول نے ادنیٰ سے اعلیٰ کر دیا دیکھو اندھیرا ہی اندھیرا تھا اجالا کر دیا دیکھو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ

رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٿي پيرا فرمايو: منهنجي نائِب تي الله پاڪ جي رَحمت وسي. عَرض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جا نائِب ڪير آهن؟ فرمايائون: منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪرڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ وارا. (جامع بيانِ عِلْم، بَابُ:عِلْم کے فضائل، جلد: 1صفحہ:201، حدیث:220)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## "معانقو ڪرڻ (ڀاڪر پائڻ)" سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

ٻہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): جنهن جو ڪو ڀاءُ هجي ان کي گهرجي تہ پنهنجي ڀاءُ سان معانقہ ڪري (يعني ڀاڪر پائي ملي). (كَنْزُ الْعُمَّال، كتاب: الفضائل، جلد:7، جز:13، صفحہ:26، حديث:36235) (2): معانقو اُمَّتن جي تحيت (يعني ملاقات جو اَدَب) ۽ سني دوستي آهي ۽ سڀ کان پهريان معانقو الله پاڪ جي خليل حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ڪيو هو. (ميزان الاعتدال، حرف العين، جلد:5، صفحہ:226، حديث:6080)

اي عاشقانِ رسول! ڀاڪر پائي ملڻ کي معانقو چوندا آهن ۽ مُعَانقو سُنَّتِ مصطفيٰ آهي. ❖ مِراٰةُ المَنَاجِيح ۾ آهي: خوشي ۾ ڪنهن سان ڀاڪر پائي ملڻ سنّت آهي (مرآة المناجیح، جلد:6، صفحہ:359) پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيئي ڀيرا صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تي شفقت فرمائيندي انهن کي ڳلي لڳائڻ جو شَرف بخشيندا هئا. مثال طور ❖ خيبر جي موقعي تي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت جعفر رَضِيَ اللهُ عَنْه کي سيني سان لڳايو ۽ پيشاني تي چمي بہ ڏنائون. (ابو داؤد، كتاب:الادب، باب: قبلة ما بين العينين،صفحہ:813، حديث:5220) ❖ هڪ ڀيري رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت ابو ذَر غِفاري رَضِيَ اللهُ عَنْه کي گهرايو، جڏهن هو حاضر ٿيا تہ شفقت فرمائيندي انهن کي ڳلي لڳائي ورتو. (ابو داؤد، كتاب:الادب، باب: قبلة ما بين العينين،صفحہ:812، حديث:5214خلاصةً)

اي عاشقانِ رسول! مُعَانقہ يعني ڀاڪر پائي ملڻ سُنّت آهي، البت اَمرَد يعني ننڍين نابالغ ٻارن سان ڳلي ملڻ کان پرهيز ڪرڻ ئي بهتر آهي، ڇوتہ هن ۾

گُناهن ۾ پوڻ جو سخت انديشو آهي. اللہ پاڪ اسان کي سُنّتن جو پيروڪار بڻائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277)

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱))

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

**حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا **کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.** ( مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

**(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله** عَزَّوَجَلَّ **پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)**

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا ڪي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر ڪي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد